# مسجد اقصيٰ
## جي تاريخي اهميت



حافظ انجنيئر نويد احمد رحمة الله عليه

انجمن خدام القرآن
سنڌ ڪراچي رجسٽرڊ



تصوير ۾ نظر ايندڙ ڪُليل پٽ کي اهلِ اسلام ”ديوار براق“ چوندا آهن.نبي ڪريم ﷺ جن معراج جي رات هتي پنهنجي سواريءَ کي ٻڌو هو. يهودين هتي موجود ”مسجد براق“ کي شهيد ڪيو ۽ مسلمانن جي گهرن کي ڊاهي پنهنجي روئڻ پِٽڻ جي جڳهه ٺاهي ڇڏي ۽ ان جو نالو ”ديوار گِريه“ رکي ڇڏيو. مسلمانن کي هن نالي جي بجائي اُن جو اصلي نالو ”ديوار براق“ وٺڻ گهرجي.

# مسجد اقصيٰ
# جي تاريخي اهميت

**مؤلف**

**حافظ انجنيئر نويد احمد** رحمة الله عليه

شعبه مطبوعات

انجمن خدام القرآن

سنڌ، ڪراچي

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | **مسجد اقصىٰ جي تاريخي اهميت** |
| ليکڪ | : | **حافظ انجنيئر نويد احمد** |
| ڇاپيندڙ | : | مدير شعبو مطبوعات انجمن خدام القرآن سنڌ ڪراچي رجسٽرڊ<br>مرڪزي دفتر انجمن خدام القرآن سنڌ ڪراچي B-375پهرين منزل علامہ شبير احمد عثماني ؒ روڊ بلاڪ 6 ،گلشن اقبال ،ڪراچي پاڪستان |
| فون | : | +92-21-34993436-7 |
| ڇپجڻ جو هنڌ | : | شعبومطبوعات قرآن اڪيڊمي ياسين آباد شارع قرآن اڪيڊمي بلاڪ 9 ، فيڊرل بي ايريا، ڪراچي |
| فون | : | +92-21-36806561 |
| اي ميل | : | Publications@QuranAcademy.com |
| ويب سائٽ | : | www.QuranAcademy.com |
| پهريون ڇاپو | : | ذيقعد ١٤٣٨ |
| تعداد | : | ٣٠٠٠ |
| هديو | : | ٢٠ روپيا |



پوري ملڪ ۾ قرآن اڪيڊميءَ مرڪز

**Karachi:**
Quran Academy Defence 021-35340022-4
Quran Academy Yaseenabad 021-36337361 - 36806561
Quran Academy Korangi 021-35074664
Quran Institute Gulistan-e-Johar 021-34030119
**Hyderabad:**
Quran Academy Qasimabad 022-2106187
Quran Institute latifabad 022-3860489
**Sukkur:**
Quran Markaz Sukkur 071-5807281
**Quetta:**
Quran Academy Quetta 081-2842969
**Jhang:**
Quran Academy Jhang 047-7630861 - 7630863
**Faisalabad:**
Quran Academy Faisalabad 041-2437618
**Lahore:**
Quran Academy Lahore 042-35869501-3
**Multan:**
Quran Academy Multan 061-6510451 - 6520451
**Islamabad:**
Quran Academy Islamabad 051-2605725
**Gujranwala:**
Quran Markaz Gujranwala 055-3891695 - 0334-4600937
**Peshawar:**
Quran Markaz Peshawar 091-2584824 - 2019541
**Malakand:**
Quran Markaz Temargara 0945-601337
**Azad Kashmir:**
Quran Markaz Muzaffarabad 0982-2447221

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# پيش لفظ

نحمده و نصلي علی رسوله الکريم، اما بعد:

پيارا اسلامي ڀائرو! هن وقت اهل فلسطين تي جيڪا ظلم جي انتها جاري آهي، اُن ظلم جي پنيان سرگرم قُوّتون هيءُ اخلاقي جواز پيش ڪري رهيون آهن ته فلسطين جي سرزمين تي اصل حق يهودين جو آهي، جڏهن ته قرآن جي گواهي ان جي برعڪس آهي. قرآن ۾ جتي بني اسرائيلين جي لاءِ هڪ ڪان وڏيڪ ڀيرا "فَضَّلۡتُكُمۡ عَلَى الۡعٰلَمِيۡنَ" (البقرة: 47) جا الفاظ آٽي ۽ انهن ۾ هزارين پيغمبرن ڪي موڪلي اُنهن جي عظمت جو اقرار ڪيو ويو آهي، اُتي ئي جڏهن اُنهن پنهنجي حيثيت جي اهميت ڪي نظرانداز ڪيو ۽ گناهن جي انتها تي پهچي ويا ۽ وڏي تعداد ۾ الله جي پيغمبرن ڪي قتل ڪرڻ جي جرم ۾ ملوث ٿيا ۽ گڏوگڏ دنيادار ٿي ويا ته اُنهيءَ قرآن ۾ الله تعالیٰ هنن لفظن سان پنهنجي فتویٰ ڏني ته "ضُرِبَتۡ عَلَيۡهِمُ الذِّلَّةُ وَ الۡمَسۡكَنَةُ وَ بَآءُوۡ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ" (البقرة: 61). ۽ پوءِ انهن ڪي هميشه جي لاءِ رانده درگاهه (ملعون) ڪري هڪ نئين امت بني اسماعيل ڪي برپا ڪيو ويو، آخري نبي ﷺ جن جي مٿي تي ان امت جي حڪمراني ۽ رهبر و رهنما جو تاج رکيو ويو ۽ معراج جي موقعي تي تقريبًا هڪ لک چوويهه هزار نبين جي امامت انهيءَ فلسطين جي سرزمين تي ڪرائي اهو واضح ڪرايو ويو ته هاڻ مسجد حرام سان گڏوگڏ مسجد اقصیٰ جي سربراهي به مسلمان امت جي حوالي ڪئي وئي آهي. انهيءَ جي ڪري حضرت عمر رضي الله عنه جي دؤر ڪان خلافتِ عثماني جي آخري خليفي تائين پنهنجين ڀرپور ڪوششن، سازشن ۽ مڪارين جي باوجود يهودي ان تي قبضو نه ڪري سگهيا. جڏهن ته يهودين ان جي لاءِ پنهنجي باقاعده

ڪوشش جو آغاز 1799ع ۾ ئي ڪري ڇڏيو هو. ان ڪان پوءِ 1885ع ۾ باقاعده ”عالمي صيهوني تنظيم“ جو قيام عمل ۾ آندو ويو. جنهن جو بنيادي مقصد ئي اسرائيلي رياست جو قيام هو. ان مقصد لاءِ انهن پهرين جنگِ عظيم (World War-1) ڪرائي ۽ برطانيا ڪان 1917ع ۾ ”بالفورڊ ڊيڪلريشن“ پاس ڪرايائون جنهن ۾ اسرائيل جي قيام جي منظوري ڏني وئي ۽ فلسطين ۾ يهودي آبادڪاري جو سلسلو شروع ٿي ويو. عربن کي سلطنت عثماني جي خلاف هي چئي اُڪسايو ويو ته اسين توهان کي فلسطين کان يمن تائين سڄو علائقو ڏينداسين. عرب انهن جي ڳالهين ۾ اچي ويا، سلطنت عثماني ختم ٿي وئي ۽ فلسطين تي برطانيا جو قبضو ٿي ويو. 1948ع ۾ اسرائيل قائم ٿي ويو. ان وقت به صرف 56 سيڪڙو علائقو يهودين وٽ هو ۽ 44 سيڪڙو فلسطينين وٽ هو. 1966ع جي جنگ کان پوءِ فلسطين وٽ صرف 22 سيڪڙو علائقو باقي بچيو. هِن وقت فلسطينين وٽ صرف 15 سيڪڙو علائقي جو قبضو بچيو آهي. جنهن کي وڌيڪ گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ۽ موجوده غزا جي جنگ جو مقصد به اهو ئي آهي ته يهودي وڌيڪ علائقن تي قبضو ڪري وٺن. انهيءَ ڪري مسلسل غزا تي بمباري جاري آهي. ايسيتائين جو اسپتالن کي به ڪونه ڇڏيو وڃي. معصوم ٻارن، عورتن ۽ لاچار بي وس شهرين کي شهيد ڪيو پيو وڃي. يورپ ۽ آمريڪا اسرائيل جو مڪمل ساٿ ڏئي رهيا آهن. انهن فلسطين ۾ معصوم ٻارن جي شهادتن تي اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن. انهن جي ويجهو جانورن ۽ پکين جي جان جي ته قيمت آهي پر مسلمانن جي جانين جي ڪا قيمت ناهي. هن صورتحال ۾ جڏهن ڪفر جون طاقتون اقوام متحده جي سلامتي ڪونسل جي فرضي ڇت هيٺ ” اَلْکُفْرُ مِلَّةٌ وَاحِدَةٌ “ جو مصداق ٿي پاڻ ۾ پوري طرح متحد ٿي اهل فلسطين تي ظلم جي انتها ڪري

رهيون آهن، 58 اسلامي ملڪن جون حڪومتون پنهنجي جڳھ تان چُرن بہ ڪونہ ٿيون ۽ بيان بازي کان اڳيان نٿيون وڌي سگهن.

هن صورتحال ۾ تنظيم اسلامي پاڪستان ان ڳالھ جي شديد ضرورت محسوس ڪري ٿي تہ پاڪستان جي عوام، مقتدر طبقا ۽ حڪومت کان علاوه باقي مسلمان حڪمرانن جي غيرت کي جاڳايو وڃي ۽ فلسطين جي اصلي ۽ حقيقي شڪل سامهون آندي وڃي تہ جيئن مسلمان امت تائين هي پيغام پهچي سگهي تہ هي مسئلو صرف فلسطين يا غزا جي مسلمانن جو نہ پر پوري مسلمان امت جو آهي. انهيءَ مقصد کي سامهون رکي تنظيم اسلامي پاڪستان جي طرفان 15 کان 25 ڊسمبر 2023 تائين ”مسجد اقصىٰ جي حرمت ۽ اسان جي ذميداري“ جي عنوان سان ڀرپور مهم جو آغاز ڪيو ويو. جنهن جي ذريعي هن مسئلي کي زنده رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هن مهم ۾ جتي اسين سيمينار، ڪارنر ميٽنگ، دعوتي ڪئمپ، خطِ بروشر، هينڊ بل، ۽ بينرن جو استعمال ڪريون پيا، اتي ئي انجمن خدام القرآن ۽ تنظيم اسلامي جي باني ڊاڪٽر اسرار احمد ﷫ جي قابلِ فخر شاگرد رشيد، حافظ انجينيئر نويد احمد صاحب ﷫ جو مختصر ڪتابچو بہ هن مهم جو حصو بڻايو ويو تہ جيئن ان جي ذريعي فلسطين جو مسئلو ۽ مسجد اقصىٰ جي حقيقت واضح ٿي سامهون اچي. توهان سان گذارش آهي تہ هن حقيقت کي پاڻ بہ سمجهو ۽ ٻين تائين بہ پهچائڻ جي ڪوشش ڪريو. تہ جيئن توهان بہ هن مهم ۾ پنهنجو حصو وجهي سگهو.

الله تعالىٰ اسان جو حامي ۽ مددگار ٿئي.

منجانب:
مرڪزي شعبه تعليم و تربيت
تنظيم اسلامي لاهور پاڪستان

# مسجد اقصيٰ جي تاريخي اهميت

مسجد اقصيٰ جي حوالي سان هڪ عام غلط فهمي آهي جيڪا اڪثر تقريرن ۽ تحريرن ۾ نظر ايندي آهي. اُها هي تہ عام طور تي اُن کي قبلہ اوَّل يعني پهريون قبلو چيو ويندو آهي. هي ڳالهہ صحيح ناهي. مسجد حرام يعني بيت الله پهريون قبلو آهي ۽ هاڻي قيامت تائين اهو ئي قبلو رهندو. درمياني عرصي ۾ مسجد اقصيٰ کي الله تعاليٰ مسلمانن جي آزمائش لاءِ قبلو مقرر ڪيو هو. پوءِ قبلي جي تبديلي جي حڪم سان ٻيهر مسجد حرام کي قبلو بنايو ويو. مسجد حرام جي قبله اوَّل هجڻ جو ذڪر قرآن مجيد ۽ حديث نبوي ﷺ ٻنهي ۾ آهي. الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

اِنَّ اَوَّلَ بَيْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِىْ بِبَكَّةَ (آل عمران: 96)

”بيشڪ پهريون گهر جيڪو ماڻهن (جي عبادت) جي لاءِ مقرر ڪيو ويو، اهو يقينًا مڪي ۾ آهي“

ارشاد نبي ﷺ آهي:

عَنْ اَبِىْ ذَرٍّ قَالَ قُلْتُ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ اَىُّ مَسْجِدٍ وُضِعَ اَوَّلاً ؟ قَالَ الْمَسْجِدُ الْحَرَامُ قُلْتُ ثُمّ اَىٌّ ؟ قَالَ ثُمَّ الْمَسْجِدُ الاَقْصٰى قُلْتُ كَمْ كَانَ بَيْنَهُمَا ؟ قَالَ اَرْبَعُوْنَ ثُمَّ قَالَ حَيْثُمَا اَدْرَكَتْكَ الصَّلَاةُ فَصَلِّ وَالْاَرْضُ لَكَ مَسْجِدٌ (بخارى)

”حضرت ابوذر رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ مون پڇيو: اي الله جا رسول ﷺ! هن زمين تي سڀ کان پهرين ڪهڙي مسجد تعمير ٿي؟ پاڻ سڳورن ﷺ جن جواب ڏنو: ”مسجدِ حرام“. مون پڇيو: ان کان پوءِ؟ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: ”مسجد اقصيٰ“. مون پڇيو تہ انهن ٻنهي (جي

تعمير) جي دوران ڪيترو وقفو آهي؟ ته پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: ”چاليهه سال“. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو ”توکي جتي نماز پڙهڻ نصيب ٿئي، اُتي پڙهي ڇڏ، تنهنجي لاءِ سڄي زمين مسجد آهي“.

نسائي شريف جي شرح ۾ امام السندي هن حديث جي وضاحت ۾ تحرير ڪيو آهي ته:

ليس المراد بناء ابراهيم للمسجد الحرام وبناء سليمان للمسجد الأقصٰى فان بينهما مدة طويلة بلا ريب بل المراد بناؤهما قبل هذين البنائين.

”هن مان مراد مسجد حرام جي اها تعمير ناهي جيڪا حضرت ابراهيم عليه السلام ڪئي هئي ۽ نه ئي مسجد اقصىٰ جي اها تعمير (مراد آهي) جيڪا حضرت سليمان عليه السلام ڪئي هئي. انهن تعميرات جي وچ ۾ ته وڏي مدت جو عرصو آهي، بلڪ هتي انهن تعميرات کان اڳ جي تعميرات جو ذڪر آهي.“

جڻ ته انساني تاريخ جي ابتدائي دؤر ۾ ئي ٻئي مسجدون تعمير ڪيون ويون هيون ۽ اڪثر اهلِ علم جي راءِ آهي ته اِهي ٻئي مسجدون شروع ۾ حضرت آدم عليه السلام تعمير ڪيون. نبي ﷺ جن جو ارشاد آهي:

بَعَثَ اللّٰهُ جِبْرِيْلَ اِلٰى اٰدَمَ وَ حَوَّاءَ فَاَمَرَ هُمَا بِبِنَاءِ الْكَعْبَةِ فَبَنَاهُ اٰدَمُ ثُمَّ اَمَرَ بِالطَّوَافِ بِهٖ وَ قِيْلَ لَهٗ اَنْتَ اَوَّلُ النَّاسِ وَ هٰذَا اَوَّلُ بَيْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ (بيهقي)

”الله تعاليٰ حضرت جبرائيل ؑ کي حضرت آدم ۽ بي بي حوّا ؑ وٽ موڪليو ۽ انهن کي بيت الله جي تعمير جو حڪم ڏنو. پوءِ حضرت آدم ؑ ان جي تعمير ڪيو. پوءِ الله تعاليٰ انهن کي طواف ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ انهن کي چيو تہ توهان پهريان انسان آهيو ۽ هي پهريون گهر آهي جيڪو ماڻهن جي عبادت لاءِ بنايو ويو آهي“

ابن هشام پنهنجي ڪتاب ”التيجان“ ۾ نقل ڪيو آهي تہ حضرت آدم ؑ جڏهن بيت الله جي تعمير ڪيو تہ الله تعاليٰ ان کي حڪم ڏنو تہ بيت المقدس ڏانهن وڃ ۽ ان جي بنياد رک. انهن وڃي ان جي تعمير ڪئي. قرآن مجيد ۾ ڪيترن ئي جڳهين تي انهن ٻنهي مقامن ۽ انهن جي متعلق سرزمين جي تقدس جو ذڪر ڪيو ويو آهي. مسجد حرام يعني بيت الله جي حرمت جو بيان هيئن ڪيو ويو آهي:

جَعَلَ اللّٰهُ الْكَعْبَةَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ قِيٰمًا لِّلنَّاسِ (المائدہ: 97)

”الله تعاليٰ هن ڪعبي کي حرمت وارو گهر ۽ ماڻهن جي بقاء جو ذريعو بڻايو آهي“

*دنیا کے بتکدوں میں پہلا وہ گھر خدا کا*

*ہم اُس کے پاسباں ہیں، وہ ہے پاسباں ہمارا*

اِنَّ اَوَّلَ بَيْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِيْ بِبَكَّةَ مُبٰرَكًا وَّهُدًى لِّلْعٰلَمِيْنَ ○ فِيْهِ اٰيٰتٌۢ بَيِّنٰتٌ مَّقَامُ اِبْرٰهِيْمَ ۚ وَمَنْ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا ۭ وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا ۭ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ (آل عمران: 96 - 97)

”بيشڪ پھريون گھر جيڪو ماڻھن (جي عبادت) لاء مقرر ڪيو ويو، يقينًا اھو مڪي ۾ آھي جيڪو برڪت وارو آھي ۽ سڀني جھانن وارن جي لاء ھدايت (جو ذريعو) آھي.

ان ۾ وڏيون نشانيون آھن ۽ مقام ابراھيم (ابراھيم ؑ جي بيھڻ جي جڳھ) آھي ۽ جيڪو بہ اُن (گھر) ۾ داخل ٿيو سو امن ۾ اچي ويو ۽ الله تعالیٰ جي لاء ماڻھن تي (فرض) آھي تہ ھن گھر جو حج ڪن جيڪو بہ سگھہ رکندو ھجي اُن ڏانھن رستي (اختيار ڪرڻ) جي. ۽ جنھن بہ ڪفر ڪيو (سگھہ جي باوجود حج نہ ڪيو) تہ بيشڪ الله تعالیٰ سڀني جھان وارن تي بي پرواھہ آھي“

وَاِذْ جَعَلْنَا الْبَيْتَ مَثَابَةً لِّلنَّاسِ وَأَمْناً وَاتَّخِذُواْ مِن مَّقَامِ اِبْرَاهِيمَ مُصَلًّى وَعَهِدْنَا اِلَى اِبْرَاهِيمَ وَاِسْمَاعِيلَ أَن طَهِّرَا بَيْتِيَ لِلطَّائِفِينَ وَالْعَاكِفِينَ وَالرُّكَّعِ السُّجُودِ (البقرة:125)

”۽ جڏھن اسان ڪعبي کي ماڻھن جي جمع ٿيڻ ۽ امن حاصل ڪرڻ جي جڳھہ بڻايو ۽ (حڪم ڏنو تہ) جنھن جڳھہ تي ابراھيم ؑ بيٺو ھو، ان کي نماز جي جڳھہ ناھيو ۽ ابراھيم ؑ ۽ اسماعيل ؑ کي چيو تہ طواف ڪرڻ وارن ۽ اعتڪاف ڪرڻ وارن ۽ رڪوع ڪرڻ وارن (۽) سجدو ڪرڻ وارن جي لاء منھنجي گھر کي پاڪ صاف رکو“

وَاِذْ بَوَّأْنَا لِاِبْرَاهِيمَ مَكَانَ الْبَيْتِ اَن لَّا تُشْرِكْ بِيْ شَيْئًا وَّطَهِّرْ بَيْتِيَ لِلطَّائِفِيْنَ وَالْقَائِمِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ (الحج: 26)

”۽ جڏھن اسان ابراھيم ؑ کي آباد ڪيو ڪعبي وٽ (۽ انھن کي حڪم ڏنو) تہ مون سان ڪنھن کي شريڪ نہ

ڪجان ۽ طواف ڪرڻ وارن ۽ قيام ڪرڻ وارن ۽ رڪوع ڪرڻ وارن (۽) سجدو ڪرڻ وارن جي لاء منهنجي گهر کي صاف رکجان“

مسجد اقصىٰ سان ملحق (ڳنڍيل) سرزمين جي برڪتن جو ذڪر ان طرح ڪيو ويو آهي تہ:

يٰقَوْمِ ادْخُلُوا الْاَرْضَ الْمُقَدَّسَةَ الَّتِیْ كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَرْتَدُّوْا عَلٰۤى اَدْبَارِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِیْنَ (المائدة: 21)

”(حضرت موسىٰ عليه السلام فرمايو) اي منهنجي قوم جا ماڻهو! داخل ٿي وڃو هن مقدس سرزمين (فلسطين) ۾ جيڪا الله تعالىٰ توهان جي لاء لکي ڇڏي آهي. ۽ منهن نہ موڙيو، نہ تہ توهان خسارو حاصل ڪرڻ وارن مان ٿي ويندؤ“

وَلِسُلَیْمٰنَ الرِّیْحَ عَاصِفَةً تَجْرِیْ بِاَمْرِهٖۤ اِلَى الْاَرْضِ الَّتِیْ بٰرَكْنَا فِیْهَاؕ وَكُنَّا بِكُلِّ شَیْءٍ عٰلِمِیْنَ (الانبياء: 81)

”۽ اسان سليمان عليه السلام جي لاء تيز هوا کي تابع ڪري ڇڏيو هو جيڪا سندس حڪم تي هلندي هئي اُن سرزمين ڏانهن جنهن ۾ اسان برڪت رکي هئي ۽ اسان هر شيء جا ڄاڻيندڙ هئاسون“

وَاَوْرَثْنَا الْقَوْمَ الَّذِیْنَ كَانُوْا یُسْتَضْعَفُوْنَ مَشَارِقَ الْاَرْضِ وَمَغَارِبَهَا الَّتِیْ بٰرَكْنَا فِیْهَا (الاعراف: 137)

”۽ اسان وارث بڻايو ان قوم (بني اسرائيل) کي، جيڪي ڪمزور سمجهيا ويندا هئا، ان سرزمين (فلسطين) جي مشرق (اوڀر) ۽ مغرب (اولهہ) جو جنهن ۾ اسان برڪت وڌي هئي“

هن آيت مبارڪ ۾ بني اسرائيل جي ان عظيم سلطنت ڏانهن اشارو آهي جيڪا 1020 ق م (قبل مسيح) ۾ حضرت طالوت عليه السلام فلسطين ۽ اُن جي آس پاس قائم ڪئي ۽ پوءِ اها حضرت سليمان عليه السلام جي دؤر ۾ پنهنجي عروج تي پهتي.

وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ الْقُرَى الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا قُرًى ظَاهِرَةً وَّقَدَّرْنَا فِيْهَا السَّيْرَ (السبا:18)

”۽ اسان اُنهن (قومِ سبا) جي ۽ (فلسطين جي) انهن ڳوٺن جي درميان، جن ۾ اسان برڪت وڌي هئي، پري کان ئي نظر ايندڙ وسنديون آباد ڪيون هيون ۽ انهن ۾ اچ وڃ جو پورو بندوبست رکيوهو“

هن آيت مبارڪ جي لفظ ”القرىٰ“ مان اهو به معلوم ٿو ٿئي ته برڪت صرف فلسطين جي علائقي ۾ ناهي رکي وئي بلڪ ان سان ڳنڍيل انهن سڀني وسندين ۾ به رکي وئي جيڪي هن سرزمين سان جُڙيل آهن.

مسجد حرام ۽ مسجد اقصىٰ ۽ انهن سان ملحق (ڳنڍيل) مقامن جي اِهائي اهميت آهي ته حضرت ابراهيم عليه السلام انهن کي توحيد جو مرڪز بنايو. جڏهن سندس قوم ان جي دشمن ٿي وئي ته الله تعالىٰ انهن کي بيت المقدس ڏانهن هجرت ڪرائي.

وَنَجَّيْنٰهُ وَلُوْطًا اِلَى الْاَرْضِ الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا لِلْعٰلَمِيْنَ (الانبياء: 71)

”۽ اسان ان (ابراهيم عليه السلام) کي ۽ لوط عليه السلام کي به هڪ اهڙي سرزمين ڏي بچائي آندوسون جنهن ۾ اسان برڪت رکي هئي سڀني جهانن وارن جي لاءِ“

هن آيت ۾ وارد لفظ ”العالمين“ سان واضح ٿئي ٿو تہ سرزمين فلسطين جون برڪتون سيني جهانن وارن جي لاءِ آهن. يهودين جو هي خيال باطل آهي تہ هن سرزمين جي برڪتن مان صرف اُهي ئي فائدو وٺي سگهن ٿا. هجرت کان پوءِ حضرت ابراهيم عليہ السلام دعوت توحيد جو هڪ مرڪز هن سرزمين تي ٺاهيو. ان جي ننڍي پٽ حضرت اسحاق عليہ السلام ۽ پوٽي حضرت يعقوب عليہ السلام جو مسڪن (نڪاڻو) بہ اها ئي مقدس سرزمين هئي. اهڙي طرح حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي وڏي پٽ حضرت اسماعيل عليہ السلام کي مسجد حرام جي ويجهو شهر مڪي ۾ آباد ڪيو:

رَبَّنَآ اِنِّيْٓ اَسْكَنْتُ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ بِوَادٍ غَيْرِ ذِيْ زَرْعٍ عِنْدَ بَيْتِكَ الْمُحَرَّمِ (ابراهيم: 37)

”اي اسان جا رب! مون پنهنجي اولاد مان ڪن کي ويران ميدان ۾ تنهنجي پلاري گهر وٽ اچي ٽِڪايو“

انهن مسجدن جون ابتدائي تعميرون زماني جي حادثن جي ڪري ڊهي ويون. مسجد حرام کي ان جي پراڻين بنيادن تي حضرت ابراهيم عليہ السلام ٻيهر تعمير ڪيو جنهن جو زمانو اندازي مطابق 1861 ق م وارو آهي. الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

وَاِذْ يَرْفَعُ اِبْرٰهٖمُ الْقَوَاعِدَ مِنَ الْبَيْتِ وَاِسْمٰعِيْلُ (البقرة: 127)

”۽ ياد ڪريو جڏهن ابراهيم عليہ السلام ۽ اسماعيل عليہ السلام بيت الله جا بنياد مٿي کڻي رهيا هئا “

حضرت ابراهيم عليہ السلام کان وٺي حضرت سليمان عليہ السلام تائين سڀني نبين جو قبلو مسجد حرام ئي رهيو. مسجد اقصيٰ کي ٻيهر حضرت سليمان عليہ السلام (جن جو زمانو 965 ق م جو آهي) تعمير ڪيو ۽ ان کان پوءِ يهود

ان مسجد کي قبلو بنائي ڇڏيو. بني اسرائيل جي نبين سميت سيئي نبي بيت الله ڏانهن ئي رخ ڪري نماز پڙهندا هئا ۽ انهيءِ جو حج ڪندا هئا. حضرت ابراهيم ؑ جڏهن بيت الله جي تعمير مڪمل ڪئي تہ الله تعالىٰ جي حڪم سان حج جي آواز لڳائي. الله تعالىٰ جو ارشاد آهي:

وَاَذِّنۡ فِى النَّاسِ بِالۡحَجِّ يَاۡتُوۡكَ رِجَالًا وَّعَلٰى كُلِّ ضَامِرٍ يَّاۡتِيۡنَ مِنۡ كُلِّ فَجٍّ عَمِيۡقٍ (الحج:27)

”۽ (اي ابراهيم ؑ) ماڻهن ۾ حج جو اعلان عام ڪر. هو تو ڏانهن پيادا خواهہ ڏٻرن اٺن تي چڙهي ايندا ۽ پري جي رستن کان ايندا“

هن آيت ۾ ”الناس“ جو ذڪر آهي جنهن ۾ بني اسرائيل ۽ انهن جا سيئي نبي بہ شامل آهن. هاڻي جيڪڏهن بني اسرائيل جي ابن ڏاڏن يعني حضرت ابراهيم ؑ ۽ حضرت يعقوب ؑ جو قبلو بيت الله ئي هو تہ انهن جي اولاد يعني بنو اسرائيل جو قبلو بيت المقدس ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ حضرت موسىٰ ؑ کي (جن جو دؤر 1436 ق م جو آهي) الله تعالىٰ حڪم ڏنو:

وَاَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰى مُوۡسٰى وَاَخِيۡهِ اَنۡ تَبَوَّاٰ لِقَوۡمِكُمَا بِمِصۡرَ بُيُوۡتًا وَّاجۡعَلُوۡا بُيُوۡتَكُمۡ قِبۡلَةً وَّاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ (يونس: 87)

”۽ اسان موسىٰ ؑ ۽ ان جي ڀاءُ ڏانهن وحي موڪلي تہ پنهنجن ماڻهن لاءِ مصر ۾ گهر ناهيو ۽ پنهنجن گهر جو رخ قبلي جي طرف ڪريو ۽ نماز قائم ڪريو“

حضرت موسىٰ ؑ جي دؤر ۾ اهو قبلو ڪهڙو هو جنهن ڏانهن رخ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو؟ يقينًا اهو مسجد حرام ئي هو. امام طبري

ﷺ هن آيت جي تفسير ۾ حضرت عبدالله بن عباس ﷠ جو قول نقل ڪيو آهي تہ:

”وَاجْعَلُوْا بُيُوْتَكُمْ قِبْلَةً جي حڪم ۾ قبلي مان مراد ڪعبو آهي“

حضرت موسىٰ ؑ جي ئي دؤر ۾ الله تعالىٰ بني اسرائيل کي خوشخبري ڏني هئي تہ جيڪڏهن اهي بيت المقدس ۾ آباد ”عمالقہ“ قوم جي خلاف قتال ڪن تہ الله تعالىٰ انهن کي فتح ڏيندو:

يٰقَوْمِ ادْخُلُوا الْاَرْضَ الْمُقَدَّسَةَ الَّتِيْ كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَرْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ (المائدة: 21)

”(حضرت موسىٰ ؑ چيو) اي منهنجي قوم جا ماڻهو! داخل ٿي وڃو هن مقدس سرزمين (فلسطين) ۾ جيڪا الله تعالىٰ توهان جي لاء لکي ڇڏي آهي ۽ پٺ نہ ڦيرجائو، نہ تہ توهان خسارو حاصل ڪرڻ وارن مان ٿي ويندائو.“

انهن جي قوم هن موقعي جو فائدو ڪونہ ورتو ۽ قتال ڪرڻ جو صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

فَاذْهَبْ اَنْتَ وَرَبُّكَ فَقَاتِلَآ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ (المائدة: 24)

(انهن چيو تہ اي موسىٰؑ!) تون ۽ تنهنجو رب وڃو ۽ وڙهو، اسين هتي ئي وينا آهيون“

حضرت موسىٰ ؑ الله سان پنهنجي قوم جي بزدلي تي ناراض ٿي فرياد ڪئي:

رَبِّ اِنِّيْ لَآ اَمْلِكُ اِلَّا نَفْسِيْ وَاَخِيْ فَافْرُقْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ (المائدة: 25)

”موسىٰ ؑ (الله سان) التجا ڪئي تہ اي الله! آئون پنهنجي ۽ پنهنجي ڀاء کان سواء ٻئي ڪنهن تي اختيار

نتو رڪان. تون اسان ۾ ۽ هنن نافرمان ماڻهن ۾ جدائي وجهي ڇڏ“

الله تعالیٰ جواب ۾ فرمايو:

فَاِنَّهَا مُحَرَّمَةٌ عَلَيْهِمْ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۚ يَتِيْهُوْنَ فِي الْاَرْضِ ۭ فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ (المائدة: 26)

”(الله تعالیٰ فرمايو) تہ اها سرزمين انهن تي چاليهہ سالن تائين حرام ڪئي وئي آهي، ڀٽڪندا ڦرندا زمين ۾، پوء انهن نافرمان ماڻهن جي حال تي افسوس نہ ڪجائو“

چاليهن (40) سالن تائين صحرا ۾ ڀٽڪڻ دوران هڪ نئين نسل پلجي جوان ٿي. هن نسل تي فرعون جي غلامي جا اثر ڪونہ هئا. جيئن اقبال چيو آهي:

فطرت کے مقاصد کی کرتا ہے نگہبانی

یا بندۂ صحرائی یا مردِ کوہستانی

صحرا ۾ پرورش ڪندڙ هن نسل ان وقت جي نبي حضرت يوشع بن نون عليہ السلام جي قيادت ۾ جهاد ڪيو ۽ ارضِ مقدس تي فتح حاصل ڪئي. هي فتح عارضي ثابت ٿي ۽ ڪجهہ ئي عرصي کان پوء محڪوم قوم يعني عمالقہ ٻيهر غالب اچي وئي ۽ ان اسرائيلين کي ارضِ مقدس کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. ان کان پوء حضرت طالوت عليہ السلام جي قيادت ۾ بني اسرائيل ٻيهر منظم ٿي ۽ 120 ق م ۾ انهن ارضِ مقدس تي فتح حاصل ڪري مستحڪم (مضبوط) حڪومت قائم ڪئي. 16 سالن تائين حضرت طالوت عليہ السلام خليفو رهيا، پوء چاليهہ سالن تائين حضرت داؤد عليہ السلام جي خلافت رهي ۽ ان کان پوء چاليهن سالن تائين حضرت سليمان عليہ السلام جي خلافت رهي. حضرت سليمان عليہ السلام (جن جو دؤر 965 ق

۾ جو آهي) ارضِ مقدس ۾ هڪ مسجد ناهي جنهن کي هيڪلِ سليماني چيو ويندو آهي. نبي ﷺ جن جا ارشاد آهن:

اِنَّ دَاوٗدَ ابْتَدأَ بِبِنَاءِ الْبَيْتِ الْمَقْدِسِ ثُمَّ اَوْحَى اللّٰهُ اِلَيْهِ اِنِّيْ لَاَقْضِيْ بِنَائَهُ عِلٰى يَدِ سُلَيْمَانَ (طبرانی)

”حضرت داؤد عليه السلام بيت مقدس جي تعمير جي لاء بنيادون رکيون، پوء الله تعالىٰ اُن (داؤد عليه السلام) ڏانهن وحي ڪئي ته مسجد اقصىٰ جي تعمير آئون حضرت سليمان عليه السلام جي هٿان مڪمل ڪرائيندس“

اَنَّ سُلَيْمَانَ بْنَ دَاوٗدَ لَمَّا بَنٰى بَيْتَ الْمَقْدِسِ سَاَلَ اللّٰهَ عَزَّ وَجَلَّ خِلَالًا ثَلَاثَةً: سَاَلَ اللّٰهَ عَزَّ وَجَلَّ حُكْمًا يُّصَادِفُ حُكْمَهٗ فَاُوْتِيَهٗ وَسَاَلَ اللّٰهَ عَزَّ وَجَلَّ مُلْكًا لاَّ يَنْبَغِيْ لِاَحَدٍ مِنْ مُبَعْدِهٖ فَاُوْتِيَهٗ وَسَاَلَ اللّٰهَ عَزَّ وَجَلَّ حِينَ فَرَغَ مِنْ بِنَاءِ الْمَسْجِدِ اَنْ لاَّ يَاْتِيَهٗ اَحَدٌ لاَّ يَنْهَزُهٗ اِلاَّ الصَّلاَةَ فِيهِ اَنْ يُّخْرِجَهٗ مِنْ خَطِيْئَتِهٖ كَيَوْمِ وَلَدَتْهُ اُمُّهٗ۔ (النسائی)

”حضرت سليمان بن داؤد عليهما السلام جڏهن بيت المقدس جي تعمير مڪمل ڪري چڪي ته الله تعالىٰ کان ٽن ڳالهين جي دعا ڪئي. انهن الله تعالىٰ کان اهڙو فيصلو ڪرڻ جي توفيق گهري جيڪو الله جي مرضي جي مطابق هجي. پوء انهن جي دعا قبول ٿي وئي. انهن الله تعالىٰ کان اهڙي حڪومت جو سوال ڪيو جيڪا ان کان پوء ٻئي ڪنهن کي به نه ملي. پوء انهن جو سوال پورو ڪيو ويو. جڏهن هو مسجد ناهي فارغ ٿيا ته الله تعالىٰ کان دعا ڪيائون ته جڏهن به ڪو شخص هن مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي ارادي

سان اچي تہ اهو گناهن کان ائين پاڪ ٿي نڪري جيئن ان کي ان جي ماءُ ڄڻيو هجي“

حضرت سليمان عليه السلام کان پوءِ سندن جانشين پاڻ ۾ خانہ جنگي ڪرڻ لڳا ۽ انهن جي رياست ٻن ٽڪرن ۾ تقسيم ٿي وئي. شمالي (اُتر واري) رياست ”اسرائيل“ چورائي جنهن کي 700 ق م ۾ آشورين تباهہ ڪيو ۽ جنوبي (ڏکڻ واري) رسايت ”يهودا“ چورائي جنهن تي 587 ق م ۾ بابل جي حڪمران بختِ نصر حملو ڪيو. ان حضرت سليمان عليه السلام جي قائم ڪيل مسجد کي شهيد ڪيو، پوري شهر کي تباهہ ڪري ڇڏيو، ڇهہ لک اسرائيلين کي قتل ڪيو ۽ ڇهہ لک اسرائيلين کي قيدي ڪري بابل وٺي ويو.

وَقَضَيْنَآ اِلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ فِي الْكِتٰبِ لَتُفْسِدُنَّ فِي الْاَرْضِ مَرَّتَيْنِ وَلَتَعْلُنَّ عُلُوًّا كَبِيْرًا ○ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ اُوْلٰىهُمَا بَعَثْنَا عَلَيْكُمْ عِبَادًا لَّنَآ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ فَجَاسُوْا خِلٰلَ الدِّيَارِ ۭ وَكَانَ وَعْدًا مَّفْعُوْلًا ○

(بنی اسرائیل: 5 - 4)

”۽ اسان ڪتاب ۾ بني اسرائيل کي چئي ڇڏيو هو تہ توهان زمين ۾ ٻہ ڀيرا فساد ڪندائو ۽ وڏي سرڪشي ڪندائو. پوءِ جڏهن پهرين (واعدي) جو وقت آيو تہ اسان پنهنجن سخت وڙهڻ وارن ماڻهن کي توهان تي مسلط (قابض) ڪيو ۽ اهي شهرن جي اندر پکڙجي ويا ۽ اهو واعدو پورو ٿي رهيو.“

حضرت عزير عليه السلام جيڪي ان وقت جا نبي هئا ۽ شهر کان ٻاهر هئا. انهن واپس اچي تباهہ ٿيل شهر کي ڏٺو تہ حيران ٿي ويا تہ جنهن شهر جي باري ۾ مستقبل جو اڳڪٿيون (خبرون) سندس علم ۾ آهن، هي شهر ٻيهر ڪيئن آباد ٿيندو؟ سورة البقرة آيت 259 ۾ ارشاد ٿيو:

اَوۡ كَالَّذِىۡ مَرَّ عَلٰى قَرۡيَةٍ وَّهِىَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوۡشِهَا ۚ قَالَ اَنّٰى يُحۡىٖ هٰذِهِ اللّٰهُ بَعۡدَ مَوۡتِهَا ۚ فَاَمَاتَهُ اللّٰهُ مِائَةَ عَامٍ ثُمَّ بَعَثَهٗ ؕ قَالَ كَمۡ لَبِثۡتَ قَالَ لَبِثۡتُ ؕ يَوۡمًا اَوۡ بَعۡضَ يَوۡمٍ ؕ قَالَ بَلۡ لَّبِثۡتَ مِائَةَ عَامٍ فَانۡظُرۡ اِلٰى طَعَامِكَ وَشَرَابِكَ لَمۡ يَتَسَنَّهۡ ۚ وَانۡظُرۡ اِلٰى حِمَارِكَ وَلِنَجۡعَلَكَ اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَانۡظُرۡ اِلَى الۡعِظَامِ كَيۡفَ نُنۡشِزُهَا ثُمَّ نَكۡسُوۡهَا لَحۡمًا ؕ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗ ۙ قَالَ اَعۡلَمُ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ○

”يا ان ماڻهوءَ وانگر جنهن جو لنگهه هڪ اهڙيءَ وسنديءَ (ڳوٺ) وٽان ٿيو، جيڪا پنهنجي ڇتين پر اونڌي ٿي پئي هئي. ان چيو تہ: الله هن بستيءَ کي مرڻ (تباهہ ٿيڻ) کان پوءِ ڪيئن زنده (يعني آباد) ڪندو؟ پوءِ الله ڪيس موت ڏئي ڇڏي 100 سالن جي لاءِ، پوءِ ان کي زنده ڪيو. پڇيائينس: تون ڪيترو عرصو (هن حالت ۾) رهئين؟ ان جواب ڏنو تہ: هڪ ڏينهن يا ان کان بہ گهٽ (جو عرصو). (الله) فرمايو: بلڪ تون سؤ سال رهئين. پوءِ ڏس پنهنجين کائڻ پيئڻ جي شين کي اهي خراب بہ ڪونہ ٿيون آهن ۽ ڏس پنهنجي گڏهه کي (جيڪو مئو پيو آهي) ۽ اسان توکي سيني ماڻهن لاءِ (پنهنجي قدرت جي) هڪ نشاني ناهي ڇڏينداسون ۽ ڏس (گڏهه جي) هڏن کي تہ اسان انهن کي ڪيئن ٿا جوڙيون ۽ انهن تي گوشت ڪيئن ٿا چاڙهيون.

جڏهن هي واقعا سندس مشاهدي ۾ آيا تہ اُهي (عزير عليه السلام) چوڻ لڳا تہ مون ڄاتي ورتو تہ الله هر شيءِ تي قادر آهي“

حضرت عزير عليه السلام سؤ سالن جو اهو تجربو پورو ڪيو ۽ ٻي طرف ايران جي بادشاهہ ذوالقرنين بابل تي حملو ڪري اسرائيلين کي آزاد ڪرائي ڇڏيو. هاڻ انهن جا قافلا ٻيهر بيت المقدس اچڻ شروع ٿيا ۽

حضرت عزيرعليه السلام جي تجديدي ڪوشش جي ذريعي انهن ۾ ٻيهر ايمان ۽ يقين جون شمعون روشن ٿيون ۽ سيرت ۽ ڪردار جي اصلاح ٿي. ڪجهه عرصو يونانين سان اسرائيلين جي لڙائي ٿيندي رهي ۽ آخر ڪار اُهي 175 ق م ۾ ٻيهر هڪ عظيم سلطنت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جنهن جو نالو ”مڪابي سلطنت“ هو. هاڻ انهن ٻيهر هيڪل سليماني جي نالي سان هڪ مسجد تعمير ڪئي. الله ان جو ذڪر هيئن فرمايو:

ثُمَّ رَدَدْنَا لَكُمُ الْكَرَّةَ عَلَيْهِمْ وَاَمْدَدْنٰكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّبَنِيْنَ وَجَعَلْنٰكُمْ اَكْثَرَ نَفِيْرًا (بنی اسرائیل: 6)

”پوءِ اسان ٻيهر توهان کي انهن تي غلبو ڏنو ۽ مال ۽ پٽن سان توهان جي مدد ڪئي ۽ توهان کي ڪثير افرادي قوّت وارو ڪري ڇڏيو“

حضرت مريم عليها السلام جي پرورش انهيءَ هيڪل سليماني ۾ ٿي ۽ وري حضرت عيسىٰ عليه السلام جي پيدائش جي جڳهه به اها ئي آهي. انهيءَ ڪري هي جڳهه عيسائين جي لاءِ به مقدس آهي. حضرت عيسىٰ عليه السلام جي جڏهن بعثت ٿي ته اسرائيلين يعني يهودين انهن تي به بهتان لڳايا. پهريون هي ته هو بغير والد جي پيدا ڪونه ٿيا آهن بلڪ معاذ الله ولد الزنا آهن. ٻيو هي ته انهن جا پيش ڪيل معجزا حقيقت ۾ جادو آهن. جادو ڪرڻ ارتداد (دين کان ڦير) آهي ۽ شريعت ۾ مرتد جي سزا قتل آهي. انهن حضرت عيسىٰ عليه السلام کي مرتد قرار ڏئي صليب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر الله تعالىٰ انهن کي آسمان تي کڻي ڇڏيو.

وَمَا قَتَلُوْهُ وَمَا صَلَبُوْهُ وَلٰكِنْ شُبِّهَ لَهُمْ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِيْهِ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ ؕ مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ اِلَّا اتِّبَاعَ الظَّنِّ ۚ وَمَا قَتَلُوْهُ يَقِيْنًا ○ بَلْ رَّفَعَهُ اللّٰهُ اِلَيْهِ ؕ (النساء:157-158)

”۽ انهن اُن (عيسىٰ عليه السلام) کي قتل ڪونہ ڪيو ۽ نہ ئي انهن کي صليب ڏنائون بلڪ انهن جي لاءِ هي معاملو مشڪوڪ ڪيو ويو ۽ جيڪي ماڻهو ان معاملي ۾ اختلاف ڪن ٿا، اهي ان باري ۾ شڪ ۾ آهن. انهن وٽ ڪو بہ علم ناهي سواءِ گمان (وهم) جي پيروي جي ۽ انهن عيسىٰ عليه السلام کي يقينًا قتل ڪونہ ڪيو بلڪ الله ان کي پنهنجي طرف کڻي ڇڏيو“.

يهودين کي حضرت عيسىٰ عليه السلام جي انڪار ۽ انهن تي بهتان تراشي جي سزا ائين ملي جو رومي جنرل ٽائٽس 70ء ۾ بيت المقدس تي حملو ڪري هڪ ڀيرو وري هيڪل کي شهيد ڪري ڇڏيو. هڪ لک ٽيٽيهہ هزار (133,000) يهودي ماري ڇڏيائين ۽ باقين کي بيت المقدس مان ڪڍي ان مقدس شهر ۾ داخل ٿيڻ تي پابندي هڻي ڇڏيائين. قرآن مجيد ۾ ان جو ذڪر هيئن ٿيو آهي:

اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ وَاِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ لِيَسُوْٓءٗا وُجُوْهَكُمْ وَلِيَدْخُلُوا الْمَسْجِدَ كَمَا دَخَلُوْهُ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّلِيُتَبِّرُوْا مَا عَلَوْا تَتْبِيْرًا (بنی اسرائیل:7)

”جيڪڏهن توهان نيڪي ڪندؤ تہ پنهنجي لاءِ ئي ڪندؤ ۽ جيڪڏهن برا عمل ڪندؤ تہ (انهن جو) وبال بہ توهان جي جانين تي هوندو. پوءِ جڏهن ٻئي (واعدي) جو وقت آيو (تہ پوءِ اسان وري پنهنجا ماڻهو موڪليا) تہ جيئن

توهان جا منهن خراب ڪن ۽ جهڙي طرح پهرئين ڀيري مسجد (هيڪل) ۾ داخل ٿي ويا هئا اهڙي ئي طرح وري ان ۾ داخل ٿي وڃن ۽ جنهن شيءِ تي غالب ٿين ته ان کي تباهه ڪري ڇڏين“

هي يهودين جو انتشار (ڇڙوڇڙ ٿيڻ) جو دؤر چورائبو آهي جنهن ۾ هي دنيا جي مختلف حصن ۾ پکڙجي وڃڻ جي لاءِ مجبور ٿي ويا. 313ع ۾ رومن امپائر مجموعي طور تي عيسائي مذهب قبول ڪري ڇڏيو. هاڻي انهن بيت المقدس جي مشرقي (اوڀر واري) حصي ۾، جتي حضرت مريم عليها السلام سڪونت اختيار ڪئي هئي، پنهنجون عبادتگاهون تعمير ڪيون.

610ع ۾ نبي ڪريم ﷺ جن کي نبوت ملي ۽ ڏهن سالن کان پوءِ 620ع ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن معراج جي سفر جي دوران مسجد حرام کان مسجد اقصىٰ تائين سفر ڪيو.

سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَيْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِيْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ لِنُرِيَهٗ مِنْ اٰيٰتِنَا ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ

(بنی اسرائیل:1)

”اهو (الله) پاڪ آهي جيڪو وٺي ويو هڪ ئي رات ۾ پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) کي مسجد حرام (يعني ڪعبي) کان مسجد اقصىٰ (يعني بيت المقدس) تائين جنهن جي اردگرد اسان برڪتون رکيون آهن. ته جيئن اسين ان (ٻانهي) کي پنهنجي (قدرت جون) نشانيون ڏيکاريون. بيشڪ هو (الله) سڀ ڪجهه ٻڌڻ وارو (۽) ڏسڻ وارو آهي.“

معراج جي معنىٰ آهي عروج حاصل ڪرڻ. پاڻ ﷺ جن جي لاءِ اصل معراج ته آسمانن ڏانهن وڃڻ ۽ الله تعالىٰ سان هم ڪلام ٿيڻ جو

شرف حاصل ڪرڻ هو پر ان کان اڳ پاڻ سڳورن ﷺ جن کي مسجد حرام کان مسجد اقصىٰ تائين سفر ڪرايو ويو. اُتي پاڻ ڪريم ﷺ جن سيني نبين جي روحن سان ملاقات ڪئي ۽ ٻه رڪعت نماز ۾ سندن امامت ڪئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن جو ارشاد آهي

وَقَدْ رَاَيْتُنِيْ فِيْ جَمَاعَةٍ مِّنَ الْاَنْبِيَاءِ، فَاِذَا مُوْسٰى عليه السلام قَائِمٌ يُّصَلِّيْ، فَاِذَا رَجُلٌ ضَرْبٌ جَعْدٌ كَاَنَّهٗ مِنْ رِجَالِ شَنُوْئَةَ، وَاِذَا عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ عليه السلام قَائِمٌ يُّصَلِّيْ اَقْرَبُ النَّاسِ بِهٖ شَبَهاً عُرْوَةُ بْنُ مَسْعُوْدِنِ الثَّقَفِيُّ، وَاِذَا اِبْرَاهِيْمُ عليه السلام قَائِمٌ يُّصَلِّيْ اَشْبَهُ النَّاسِ بِهٖ صَاحِبُكُمْ يَعْنِيْ نَفْسَهٗ فَحَانَتِ الصَّلَاةُ فَاَمَمْتُهُمْ (مسلم)

”مون پنهنجي پاڻ کي (معراج جي رات) نبين جي جماعت ۾ پاتو، مون ڏٺو ته موسىٰ عليه السلام نماز پڙهي رهيا هئا. مون ڏٺو ته موسىٰ عليه السلام هڪ وچولي قد جو ماڻهو هئا، ڪنهن قدر سنهڙا هئا گول بدن وارا جڻ ته شنو قبيلي جو هڪ شخص هجي. پوءِ منهنجي نظر عيسىٰ عليه السلام تي پئي جيڪو نماز پڙهي رهيو هو. عروه بن مسعود ثقفي رضي الله عنه انهن سان تمام گهڻو مشابهه آهن. پوءِ مون اوچتو ابراهيم عليه السلام کي نماز پڙهندي ڏٺو جن سان تنهنجو هي دوست (يعني خود پاڻ ڪريم ﷺ) انتهائي مشابهه آهن. پوءِ نماز جو وقت ٿي ويو ۽ مون انهن سيني جي امامت ڪئي“

هن سڄي عمل جي حڪمت هن حقيقت کي واضح ڪرڻ هو ته مسجد حرام سان گڏوگڏ هاڻ مسجد اقصىٰ جا متولي (سرپرست) به نبي ڪريم ﷺ ۽ سندن امتي آهن.

شروع ۾ مسلمانن جي آزمائش جي لاء مسجد اقصىٰ کي قبلي جو درجو ڏنو ويو هو. ان جو حڪم قرآن حڪيم ۾ ناهي. الله تعالىٰ وحي خفي جي ذريعي هي حڪم نبي ﷺ جن کي ڏنو. نبي اڪرم ﷺ ۽ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم کي مسجد حرام سان شديد دلي لڳاءُ هو. مکي دؤر ۾ تہ مسلمان نماز ۾ ائين رخ ڪندا هئا جو مسجد حرام ۽ مسجد اقصىٰ ٻئي سامهون هيون. ان کي استقبال قبلتين (ٻن قبلن جو استقبال) چيو ويندو آهي. هجرت کان پوء مديني ۾ هڪ آزمائش اچي وئي. مديني جي شمال (اُتر) ۾ مسجد اقصىٰ ۽ جنوب (ڏکڻ) ۾ مسجد حرام آهي . هاڻ جيڪڏهن مسجد اقصىٰ ڏانهن رخ ڪيو وڃي تہ مسجد حرام ڏانهن پشت (پُٺ) ٿئي ٿي. هن سان مقصود هي هو تہ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جو امتحان ورتو وڃي تہ ڇا هو مسجد حرام سان پنهنجي محبت کي ترجيح ڏين ٿا يا الله جي رسول ﷺ جي اتباع ڪندي مسجد حرام جي بجائي بيت المقدس کي قبلو ناهن ٿا. سورة البقرة آيت 143 ۾ الله تعالىٰ جو ارشاد آهي:

وَمَا جَعَلْنَا الْقِبْلَةَ الَّتِيْ كُنْتَ عَلَيْهَآ اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يَّتَّبِعُ الرَّسُوْلَ مِمَّنْ يَّنْقَلِبُ عَلٰى عَقِبَيْهِ ۭ وَاِنْ كَانَتْ لَكَبِيْرَةً اِلَّا عَلَى الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ ۭ

”۽ اسان ناهي مقرر ڪيو اهو قبلو جنهن تي اي نبي ﷺ توهان هئاؤ پر ان لاء تہ جيئن اسان ظاهر ڪري ڇڏيون تہ ڪير، رسول جي پيروي ڪري ٿو ۽ ڪير پوئين پير ڦري ٿو. ۽ يقينًا اهو تمام ڳرو حڪم هو سواء انهن ماڻهن جي جن کي الله تعالىٰ هدايت ڏني“.

جڏهن صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جو امتحان چڱيء طرح ٿي ويو تہ هجرت جي 16 مهينن کان پوء 624ء ۾ تحويلِ قبلہ (قبلي جي تبديلي) جو حڪم هنن لفظن ۾ وارد ٿيو:

قَدۡ نَرٰی تَقَلُّبَ وَجۡهِکَ فِی السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّیَنَّکَ قِبۡلَةً تَرۡضٰهَا فَوَلِّ وَجۡهَکَ شَطۡرَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ ؕ وَحَیۡثُ مَا کُنۡتُمۡ فَوَلُّوۡا وُجُوۡهَکُمۡ شَطۡرَهٗ ؕ (البقرة : 144)

”(اي نبي ﷺ) اسين توهان جو بار بار آسمان ڏانهن منهن ڪرڻ ڏسي رهيا آهيون. بس اسين ڦيري ٿا ڇڏيون توهان جي منهن ( رخ) کي ان قبلي ڏانهن جنهن سان توهان محبت ڪريو ٿا. تہ پوءِ ڦيري ڇڏيو پنهنجي منهن (يعني رخ) کي مسجد حرام ڏانهن ۽ (اي مسلمانو! ) توهان جتي بہ هجو، بس ڦيري ڇڏيو پنهنجن منهن (رخن) کي ان (مسجد حرام) ڏانهن.“

نبي اڪرم ﷺ جن جي وصال کان پنجن سالن کان پوءِ 637ء ۾ مسلمانن بيت المقدس فتح ڪري ڇڏيو. هي حضرت عمر رضی اللہ عنہ جن جي خلافت جو دؤر هو. عيسائين هڪ پرامن معاهدي جي ذريعي بيت المقدس مسلمانن جي حوالي ڪيو. ان کان اڳ مسلمان ڪيترن ئي ڏينهن کان ان شهر جو محاصرو (گهرائو) ڪري ويٺا هئا پر اهي شهر کي فتح نہ ڪري سگهيا. عيسائين جي مذهبي رهنمائن مسلمانن کي پيغام موڪليو تہ اسان جي ڪتابن ۾ ان بادشاهہ جا سيئي وصفَ (خوبيون) درج آهن جنهن جي هٿان هي شهر فتح ٿيندو. اسين توهان ۾ اهو بادشاهہ نٿا ڏسون. مسلمانن اهي وصف معلوم ڪيا. وصف ڄاڻڻ کان پوءِ مسلمانن چيو تہ هي تہ اسان جي خليفي حضرت عمر رضی اللہ عنہ جن جا وصف آهن. قرآن مجيد ۾ ان ڳالهہ جو ذڪر هن طرح آهي:

ذٰلِکَ مَثَلُهُمۡ فِی التَّوۡرٰةِ وَمَثَلُهُمۡ فِی الۡاِنۡجِیۡلِ (الفتح: 29)

”انهن (صحابن رضی اللہ عنہم) جي مثال تورات ۾ آهي ۽ انهن جي مثال انجيل ۾ آهي“

حضرت عمر ﷛ کي خصوصي طور تي بيت المقدس اچڻ جي دعوت ڏني وئي. پاڻ ﷛ آيا ۽ عيسائين هڪ معاهدي جي تحت هي شهر مسلمانن جي حوالي ڪري ڇڏيو. معاهدو ڪرڻ مهل عيسائين مطالبو ڪيو تہ يهودين کي هن شهر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ڏني وڃي. حضرت عمر ﷛ جن هن مطالبي کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ اسان جو دين ان جي اجازت نٿو ڏئي. جڏهن تہ معاهدي ۾ اهو طئي ٿيو تہ يهودي هن علائقي ۾ آباد نہ ٿي سگهندا يعني هتي ڪا رهائشي، صنعتي يا زرعي زمين يا عمارت نہ خريد ڪري سگهندا. مسلمانن جي سيني حڪومتي ادوار ۾ يهودين هن پابندي کي ختم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪجهہ موقعن تي تہ وڏي مالي امداد جي بہ پيشڪش ڪئي پر ڪوبہ مسلمان حڪمران اُن تہ راضي نہ ٿيو.

دؤر بنو اميہ ۾ اُموي خليفي عبد الملڪ بن مروان 685ء ۾ اُن ٽڪري تي هڪ قبي (گنبذ) جي تعمير جو آغاز ڪيو جنهن تان نبي اڪرم ﷺ جن معراج جي رات آسمانن ڏانهن روانا ٿيا هئا. هن گنبذ جي تعمير 691ء ۾ مڪمل ٿي ۽ هي "قبة الصخراء" جي نالي سان مشهور ٿيو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ گنبذ جي جنوب مشرق (ڏکڻ اوڀر) ۾ اُموي خليفي وليد بن عبد الملڪ "مسجد اقصیٰ" جي نالي سان هڪ عبادگاهہ تعمير ڪئي. هي تعمير 709ء کان 714ء تائين جاري رهي. پوءِ جي وقتن ۾ بہ مسلمان حڪمرانن "قبة الصخراء" ۽ "مسجد اقصیٰ" ۾ مختلف تعميراتي ڪم ڪرائيندا رهيا. يهودي قبة الصخراء جي تصويرن جي هيٺ مسجد اقصیٰ لکي مسلمانن کي گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ جيئن جڏهن هو مسجد اقصیٰ کي شهيد ڪن تہ ماڻهن کي ميڊيا تي قبة الصخراء جون تصويرون ڏيکاري مطمئن ڪيو وڃي تہ مسجد صحيح سلامت آهي. (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل تصوير سان مسجد اقصیٰ جي پوري احاطي کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهجي ٿو).

حضرت عيسىٰ جي پيدائش جي 1000 سالن جي مڪمل ٿيڻ تي يورپ جي عيسائين ۾ سندن مذهبي رهنمائن تمام گهڻو جوش خروش پيدا ڪيو ۽ انهن کي حضرت عيسىٰ عليه السلام جي پيدائش جي جاءِ يعني بيت المقدس کي مسلمانن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ جنگ لاءِ آماده ڪيو. هي پهرين صليبي جنگ هئي جنهنجي لاءِ زوردار تياري شروع ٿي وئي ۽ ان جي نتيجي ۾ 1099ء ۾ عيسائين مسلمانن کان بيت المقدس کسي ڇڏيو. هن مقدس شهر تي 88 سالن تائين عيسائين جو قبضو رهيو. 1187 ء ۾ مسلمانن صلاح الدين ايوبي رحمة الله عليه جي حڪمراني ۾ بيت المقدس ٻيهر حاصل ڪيو.

پهرين جنگ عظيم جي دوران برطانيا پنهنجي سازش سان عربن ۽ ترڪن کي پاڻ ۾ ويڙهائي بيت المقدس کان تُرڪن کي ڪڍي ڇڏيو. پوءِ مشرق وُسطه (Middle East) کي ڪيترن ئي عرب ملڪن ۽ رياستن ۾ تقسيم ڪري پنهنجي اجاره داري (ٺيڪيداري) قائم ڪري ڇڏي. 1917ء ۾ برطانوي وزير خارجہ بالفور "اعلانِ بالفور" جي ذريعي يهودين کي فلسطين ۾ آباد ٿيڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. يهودين فلسطينين کان سندن مرضيءِ جي قيمتن تي جائيدادون خريد ڪيون ۽ جنهن پنهنجين جائيدادن کي وڪڻڻ کان انڪار ڪيو انهن کي برطانوي حڪومت جي تعاون سان زبردستي ڪڍي ڇڏيو. ڪاغذن جي ذريعي ثابت ڪيو ويو ته فلاڻي جاگير ٻه هزار سال پهرين اسان جي فلاڻي بزرگ جي نالي تي هئي جنهن تي اڄ ڪو فلسطيني قبضو ڪريو وينو آهي. برطانوي حڪومت اهڙن قسمن جي دعون کي قبول ڪيو ۽ ائين يهودي فلسطين ۾ آباد ٿيندا ويا. هي ڏانڌلي (بي ايماني) مسلسل جاري رهي. يهودين کي ٻاهران کان وٺي فلسطين ۾ آباد ڪيو ويو جڏهن ته انهن کي ارڙنهن سؤ (1800) سال اڳ هتان ڪڍيو ويو هو ۽ آخرڪار آمريڪا ۽ برطانيا جي مليل سازش سان 1948ء ۾

فلسطين جي 56 سيڪڙي علائقي تي قبضو ڪري هڪ يهودي رياست اسرائيل جي نالي سان قائم ڪئي وئي. يهودين کي جڏهن برطانيا جي سرپرستي ۾ فلسطين ۾ ناجائز طريقي سان آباد ڪيو پئي ويو تڏهن علامہ اقبال چيو هو تہ:

ہے خاکِ فلسطین پہ یہودی کا اگر حق

ہسپانیہ پر حق نہیں کیوں اہلِ عرب کا؟

اسرائيل جي اهڙي قيام کي ڪير بہ باضمير انسان نہ جائز قرار ڏيندو ۽ نہ ئي تسليم ڪندو. پاڪستان جي باني محمد علي جناحؒ اسرائيل کي مغرب جو ناجائز ٻار قرار ڏنو هو. 25 آڪٽوبر 1947ء ۾ جڏهن اسرائيل جي قيام جو منصوبو پيش ڪيو پئي ويو تہ پاڪستان جي باني قاعد اعظم رائٽر نيوز ايجنسي جي نمائندي کي انٽرويو ڏيندي فرمايو:

"فلسطين جي باري ۾ اسان جي مؤقف جي وضاحت اقوام متحده ۾ پاڪستاني وفد جي سربراه چوڌري ظفر الله خان ڪري ڇڏي آهي. مونکي هاڻي بہ اميد آهي تہ تقسيم (فلسطين) جو منصوبو مسترد ڪيو ويندو نہ تہ هن خوفناڪ چپڪلش (جهيڙي) جو شروع ٿيڻ ضروري ۽ لازمي امر آهي. هي چپڪلش عربن ۽ تقسيم جي منصوبي کي نافذ ڪرڻ وارن جي وچ ۾نہ ٿيندي بلڪ پوري اسلامي دنيا هن فيصلي جي خلاف عملي بغاوت ڪندي. ڇو تہ اهڙن فيصلن (اسرائيل جي قيام) جي حمايت نہ تاريخي اعتبار سان ڪري سگهجي ٿي ۽ نہ ئي سياسي ۽ اخلاقي طور تي ڪري سگهجي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان وٽ ان کان علاوه ٻيو ڪو چارو ناهي تہ عربن جي مڪمل ۽ غير مشروط حمايت ڪري ۽ خواه مخواه

جي اشتعال ۽ دست درازين (جهڳڙن ۽ زيادتين) کي روڪڻ لاءِ جيڪو بہ ان جي وس ۾ هجي، پوري جوش خروش ۽ طاقت سان عمل ۾ آڻي.“

ايسيتائين جو يهودين جا خالص مذهبي ماڻهو بہ اسرائيل جي اهڙي قيام کي جائز نٿا سمجهن. معروف يهودي عالم ڊاڪٽر ايلمر بلجر پنهنجي مقالي ”ڇا اسرائيل بائبل جي اڳڪٿين جي تڪميل آهي“ ۾ لکيو آهي تہ: ”هي هڪ ناقابلِ ترديد حقيقت آهي تہ ڪو بہ پڪو يهودي هي نٿو مڃي تہ موجوده اسرائيلي رياست ان طريقي سان وجود ۾ آئي آهي جيڪا بابل جي احڪامن سان ٿورو بہ مطابقت رکندي هجي“.

جون 1967ء ۾ عرب اسرائيل جنگ جي دوران اسرائيل بيت المقدس سميت فلسطين جي وڏيڪ 22 سيڪڙو علائقي تي قبضو ڪري ڇڏيو. بيت المقدس تي انهن جي قبضي جا 56 سال ٿيڻ وارا آهن. يهودين جي صبر جو پئمانو لبريز ٿي رهيو آهي ۽ هاڻ هو چاهين ٿا تہ مسجد اقصىٰ کي شهيد ڪري ٿيون پيرو پنهنجو هيڪل تعمير ڪري سگهن. انهيءَ ڪري مسجد اقصىٰ جي ارد گرد تيزيءَ سان کوٽائيءَ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي. عيسائي هن معاملي ۾ يهودين جي پوري طرح سان پشت پناهي انهيءَ لاءِ ڪري رهيا آهن تہ انهن کي يهودين مسلسل پروپئگنڊي سان اها ڳالهہ سمجهائي ڇڏي آهي تہ حضرت عيسىٰ ﷺ جي آمد جي لاءِ ضروري آهي تہ ان کان اڳ بيت المقدس ۾ هڪ اسرائيلي رياست قائم ٿي وڃي. يهودين ۽ عيسائين هن حوالي سان پاڻ ۾ ملي هيءَ منصوبہ بندي ڪئي هئي تہ 2007ء ۾ مسجد اقصىٰ کي شهيد ڪرڻ کان پهرين انهن سيني مسلمان ملڪن جي خلاف فيصلاڪن ڪاروائي ڪئي وڃي جن کان هن ناپاڪ يهودي منصوبي کي ڪو خطرو آهي. انهيءَ ڪري 2001ء پاڪستان ۽

افغانستان کي تباهه ڪرڻ جو منصوبو هو. پاڪستان ته هڪ U-Turn وٺي فوري تباهي کان بچي ويو پر افغانستان ۾ اسلامي حڪومت کي تباهه ۽ برباد ڪيو ويو. 2003ء ۾ عراق تي حملو ڪري ان کي به تباهه ڪيو ويو. 2005ء ۾ ايران جي خلاف اقدام جو منصوبو هو پر عراق ۽ افغانستان ۾ غير معمولي مزاحمت (جوابي ڪاروائين) هن منصوبي کي ناڪام ڪري ڇڏيو. بهرحال هاڻ به يهودي لابي آمريڪا جي قيادت تي دٻاءُ وجهي رهي آهي ته ايران جي خلاف به اقدام ڪيو وڃي.

هن پوري معاملي ۾ پاڪستان ۽ افغانستان، جيڪي عرب جي مشرق (اوڀر) ۾ موجود آهن، جي خاص اهميت آهي. حديث مبارڪ آهي:

يَخْرُجُ نَاسٌ مِنَ الْمَشْرِقِ فَيُوَطِّئُوْنَ لِلْمَهْدِيِّ يَعْنِيْ سُلْطَانَهٗ (ابنِ ماجه)

”مشرق کان فوجون نڪرنديو جيڪي مهدي جي حڪومت قائم ڪرڻ لاء منزل تي منزل طئي ڪنديون وينديو“

هن حديث مان معلوم ٿيو ته مشرق جي ڪنهن علائقي ۾ پهرين ئي هڪ اسلامي حڪومت قائم ٿي چڪي هوندي. هڪ ٻئي حديث سان واضح ٿئي ٿو ته هي علائقو خراسان جو هوندو:

تَخْرُجُ مِنْ خُرَاسَانَ رَايَاتٌ سُوْدٌ لاَ يَرُدُّهَا شَيْءٌ حَتّٰى تُنْصَبَ بِإِيْلِيَاءَ (ترمذی)

”خراسان کان جهنڊا نڪرندا، انهن کي ڪير به نه روڪي سگهندو جيسيتائين جو اهي ايلياء (بيت المقدس) ۾ وڃي نصب نه ٿي وڃن“

ايلياء، بيت المقدس جو هڪ ٻيو نالو آهي. نبي اڪرم ﷺ جن جي زماني ۾ خراسان ان علائقي جو نالو هو جنهن ۾ پاڪستان جا شمالي علائقا ۽ افغانستان جو وڏو حصو شامل آهي. جڏهن ته اهو هي

علائقو آهي جتي اسلامي حڪومت قائم ٿيندي. هن خطي ۾ طالبان جي اسلامي حڪومت جو قائم ٿيڻ، ٻين جهادي سرگرمين ۽ پاڪستان جو ائٽمي طاقت ٿي وڃڻ اسرائيل جي لاءِ تشويش (ڳڻتي) جو سبب آهي. 1967ع بن گوريان (سابق اسرائيلي وزير اعظم) پيرس ۾ چيو هو ته: ”اسان کي عرب ملڪن کان نه بلڪ صرف پاڪستان کان خطرو آهي.“ پاڪستان جي پهرين وزير اعظم لياقت علي خان کي آمريڪا ۾ پيشڪش ڪئي وئي هئي ته جيڪڏهن پاڪستان اسرائيل کي تسليم ڪري ڇڏي ته پاڪستان کي ناقابلِ تصور مالي امداد ڏني ويندي. انهن اُن جي جواب ۾ چيو ته ”Our Souls Are Not For Sale“. جڏهن پرويز مشرف صاحب اسرائيل کي تسليم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي هئي ته يارت ۾ اسرائيل جي سفير چيو هو ته جيڪڏهن پاڪستان اسرائيل کي تسليم ڪري ڇڏيو ته اسين پاڪستان جي لاءِ اهو ڪجهه ڪنداسين جنهن جو تصور به ممڪن ناهي.

اڄ جڏهن ته مسجد اقصىٰ جي شهادت جي لاءِ ڪاروائي جو آغاز ڪيو ويو آهي ته اسان کي پنهنجي ديني غيرت جو مظاهرو ڪندي پنهنجي حڪومت کي اسرائيل جي هن ناپاڪ عزم جي خلاف فيصلاڪن مؤقف اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ گهرجي. ڪجهه دانشور هي گمراهي ڦيلائي رهيا آهن ته مسجدِ اقصىٰ جي مسلمانن جي لاءِ ڪا خاص اهميت ناهي. پر هيٺ ڏنل حديثون هنن گمراهه تصورن جي انڪار لاءِ ڪافي آهن.

وَلَا تُشَدُّ الرِّحَالُ اِلَّا اِلٰى ثَلَاثَةِ مَسَاجِدَ مَسْجِدِ الْحَرَامِ وَمَسْجِدِ الْاَقْصٰى وَمَسْجِدِىْ هٰذَا (بخاری)

”ٽن مسجدن کان علاوه ڪنهن به جڳهه جو (ثواب جي نيت سان) قصد ڪري سفر ڪرڻ جائز نه آهي، مسجد حرام ۽

**مسجد اقصيٰ ۽ منهنجي هي مسجد (يعني مسجد نبوي ﷺ) جو“**

مَنۡ اَهَلَّ بِحَجّةٍ اَوۡ عُمۡرَةٍ مِنَ الۡمَسۡجِدِ الاَقۡصٰى اِلَى الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنۡ ذَنۡبِهٖ وَمَا تَأَخّرَ اَوۡ وَجَبَتۡ لَهُ الۡجَنّةُ شَكَّ عَبۡدُاللّٰهِ (ابو داؤد)

**”جنهن بہ مسجد اقصيٰ کان مسجد حرام تائين حج يا عمري جي نيت سان احرام ٻڌو تہ ان جا اڳيان پٺيان سڀ گناھ معاف ڪيا ويندا يا ان جي لاء جنت واجب ٿي ويندي. عبد الله کي شڪ ٿيو تہ پاڻ ﷺ جن انهن ٻنهي مان ڪهڙا لفظ ارشاد فرمايا آهن.“**

مَنۡ صَلّٰى فِى الۡمَسَاجِدِ الۡاَرۡبَعَةِ غُفِرَ لَهٗ ذَنۡبُهٗ (نسائی)

**”جنهن چئن مسجدن ۾ نماز پڙهي ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا“**

**امام السندي هن حديث جي وضاحت ۾ تحرير ڪيو آهي تہ:**

فى المساجد الأربعة لعل المراد بها مسجد مكة والمدينة ومسجد قباء والمسجد الأقصٰى

**”چئن مسجدن مان مراد آهي مڪي ۽ مديني واريون مسجدون، مسجد قباء ۽ مسجد اقصيٰ“**

صَلاَ ةُ الرَّجُلِ فِىۡ بَيۡتِهٖ بِصَلاَةٍ وَّصَلاَ تُهٗ فِى مَسۡجِدِ الۡقَبَائِلِ بِخَمۡسٍ وَّعِشۡرِيۡنَ صَلاَةً وَّصَلاَ تُهٗ فِى الۡمَسۡجِدِ الَّذِىۡ يَجۡمَعُ فِيۡهِ بِخَمۡسِ مِائَةِ صَلاَةٍ وَّصَلاَ تُهٗ فِى الۡمَسۡجِدِ الۡاَقۡصٰى بِخَمۡسِيۡنَ اَلۡفِ صَلاَةٍ وَّصَلاَ تُهٗ فِى

مَسْجِدِیْ بِخَمْسِیْنَ اَلْفِ صَلاَۃٍ وَّصَلاَ تُہٗ فِی الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ بِمَآئَۃِ اَلْفِ صَلاَۃٍ (نسائی)

”هڪ ماڻهو جو پنهنجي گهر ۾ نماز پڙهڻ هڪ نماز جي اجر جي برابر آهي ۽ پنهنجي پاڙي جي مسجد ۾ نماز پڙهڻ 25 نمازون پڙهڻ جي اجر جي برابر آهي ۽ جامع مسجد ۾ نماز پڙهڻ 500 (پنج سؤ) نمازن جي اجر جي برابر آهي ۽ مسجد اقصیٰ ۾ نماز پڙهڻ 50،000 (پنجاهه هزار) نمازن جي اجر جي برابر آهي ۽ مسجد نبوي ﷺ ۾ نماز پڙهڻ پنجاهه هزار نمازن جي اجر جي برابر آهي ۽ مسجد حرام ۾ نماز پڙهڻ هڪ لک نمازن جي اجر جي برابر آهي“

اڄ هي ڪيفيت آهي تہ:

مسجدِ اقصیٰ روتی ہے      اُمتِ مسلمہ سوتی ہے

ڪاش اسان جو ڪو حڪمران وري صلاح الدين ايوبيؒ جي صورت اختيار ڪري ميدان ۾ اچي ۽ مسجد اقصیٰ جي حفاظت جي خدمت ڪري عظيم سعادتن سان سرفراز ٿي وڃي . آمين.




تصوير ۾ نظر ايندڙ چار ديواري جي اندر سڄي جڳهه کي ”مسجد اقصيٰ“ چيو ويندو آهي. هي مڪمل احاطو مسجد اقصيٰ آهي. جنهنڪي بہ هن احاطي ۾ داخل ٿيڻ جي سعادت ملي ۽ ان جي اندر جتي بہ نماز پڙهي، چاهي ڪنهن گنبذ جي هيٺ پڙهي يا ڪنهن وڻ جي هيٺ پڙهي، اميد آهي تہ حديثن مطابق ان جي حق ۾ ثواب جووڏو سيڪڙو وڌيويندو .

گنبذ صخره هن نهايت خوبصورت عمارت آهي. هن عمارت تي هڪ عظيم الشان سونهري گنبذ پوري احاطي ۾ سيني کان نمايان نظر ايندو آهي. صخره عربي ۾ هڪ وڏي ٽَڪري يا جبل کي چيو ويندو آهي. هي اهو مقام آهي جتان هڪ قول مطابق رسول الله ﷺ جن معراج جي سفر لاء آسمان ڏانهن روانا ٿيا هئا. هن پوري مقدس احاطي ۾ هي ٽَڪري سيني کان بلند مقام آهي. بعد ۾ هن ٽَڪريء تي هڪ گنبذ نِما عمارت ٺاهي وئي. اڄ ڪلهه گنبذ صخره جو هي حال مسجد اقصيٰ ۾ نماز جي لاء ايندڙ عورتن جي لاء مخصوص ڪيو ويو آهي.

# گنبذ صخره

